# دربارِ خواجہ میں
# بادشاہوں کی حاضریاں

17-January-2024



اجتماعِ یومِ غریب نواز کا بیان

(6 رجب، 1445ھ / 17 جنوری، 2024ء)

اجتماع يوم غريب نواز جو بيان

(6 رجب، 1445 ھ / 17 جنوري 2024ء اربع ۽ جمعرات جي وچين رات)

# خواجہ جي درٻار ۾ بادشاهن جون حاضريون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... خواجہ جي درٻار ۾ بادشاهن جون حاضريون

✿...رات جي نماز جا فضائل

✿... ملائڪن جي هڪ سنّت

✿... مزار شريف جي بي ادبي جي سزا

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مسلمان جيستائين مون تي دُرود پڙهندو رهي، ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي ٿورو پڙهي يا گهڻو.** ابن ماجہ، ڪِتَاب اِقَامَۃِ الصَّلَاۃ، بَابُ الصَّلَاۃ عَلَی النَّبِیِّ، صفحہ:152، حديث:907۔

محبوبِ ربِّ اکرم!
لاکھوں سلام تم پر
لاکھوں درود ہر دَم
لاکھوں سلام تم پر

(وسائِلِ فردوس، صفحہ:49۔)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات **عملن جو دار ومدار نيتن تي آهي.**[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت ماڻهو کي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثلاً نيت ڪريو: ❁ رِضاءِ اِلٰهي**

1...بخاری، کِتَاب بَدءُ الۡوَحی،باب کیف کان بدء الوحی الی رسول اللہ، صفحہ:65، حديث:1۔

جي لاءِ بيان ڪُندس ❁عِلمِ دين سکندس ❁پورو بيان ٻُڌندس ❁ ادب سان ويهندس ❁ نصيحت حاصِل ڪندس ❁ اَحمَدِ مُجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو ٻڌي درودِ پاڪ پڙهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواجہ اَگَن لڳي

عالمِ باعمل، پيرِ ڪامل، اعلٰي حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي پير ڀاءُ ۽ منهنجي والد صاحب جي شاگرد مولانا برڪات احمد صاحب (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) بيان ڪيو، فرمائن ٿا: مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ هڪ غير مُسلم هو، جنهن جي مٿي کان پيرن تائين سڄي جسم تي ڦرڙيون ئي ڦرڙيون هيون، الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو تہ گهڻيون هيون. اهو غير مُسلم منجهند جي وقت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف تي ايندو هو ۽ درٻار شريف جي سامهون گرم پٿرين تي ليٽڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو پڻ هي بہ چئي رهيو هوندو هو: **خواجہ اگن لڳي** (اي خواجہ! جسم سڙي پيو). 3 ڏينهن لڳاتار اهو ائين ڪندو رهيو، ٽئين ڏينهن مون ڏٺو: بلڪل تندرست ٿي چڪو آهي(يعني ان جون تمام ڦرڙيون نيڪ ٿي چڪيون هيون).ملفوظات اعلیٰ حضرت، حصہ سوم،صفحہ:384 ۔

يا خواجہ مُعِينُ الدِّيں چشتی سلطانُ الْہند غریب نواز
یا واقفِ رازِ خَفی و جَلی سلطانُ الْہند غریب نواز
لائی ہے مجھے اُمیدِ کرم اِس خاک کی اور اِس دَر کی قسم
آیا ہوں پئے حاجت طلبی سلطانُ الْہند غریب نواز
یہ داغ کہاں تک رَنج سہے! تم سے نہ کہے تو کس سے کہے

تم آلِ نبی اولادِ علی سلطانُ الہند غریب نواز
معين الارواح، صفحہ:336۔

| | | | |
|---|---|---|---|
| خواجۂ خواجگاں! | غریب نواز، غریب نواز | قبلۂ عارِفاں! | غریب نواز، غریب نواز |
| مُرشِدِ ناقِصاں! | غریب نواز، غریب نواز | رہبر کامِلاں! | غریب نواز، غریب نواز |
| ہادیِ گمرہاں! | غریب نواز، غریب نواز | مُصلحِ عاصیاں! | غریب نواز، غریب نواز |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ ڇهين صدي هجري جي عظيم شخصيت آهن، پاڻ 537 هجري تي سِجِستان جي علائقي سَنجر ۾ پيدا ٿيا، انهيءَ نسبت سان کين سَنجَري چيو وڃي ٿو. (اِقتِباسُ الْاَنْوار،صفحہ:345۔) ❁ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جو اسم گرامي ”حَسَن“ آهي. ❁ خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ جا مشهور ۽ معروف لقب ❁مُعِينُ الدّين، ❁خواجہ غريب نواز، ❁ سُلطانُ الهِند، ❁وارثُ النَّبي ❁ ۽ عطاءِ رسول آهن.❁الحمد لله! اسان جا خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ نَجِيبُ الطَّرَفَين (يعني ماءُ پيءُ جي طرفان) حَسَني ۽ حُسيني سَيّد آهن.(فيضان خواجہ غريب نواز، صفحہ:3۔)

12 واسطن سان سندن نسبي سلسلو مسلمانن جي چوٿين خليفي مولا علي رضی اللہُ عنہ تائين وڃي پهچي ٿو. ( اِقتِباسُ الْاَنْوار، صفحہ:346)

| | |
|---|---|
| چراغِ انجمنِ اَولیا غریب نواز | امینِ سَطوتِ خیبر کُشا غریب نواز |
| گُلِ حدیقۂ حسنین، نورِ چشمِ علی | فدائے سیرتِ خیر الوریٰ غریب نواز |

شعرن جو مفهوم: اي خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہِ علیہ اوهان اولياءِ ڪرام جي محفل

جا چراغ آهيو، اوهان خيبر فتح ڪرڻ واري مولاءِ ڪائنات، مولا علي رضی اللہ عنہ جي شجاعت جا اَمين آهيو، اوهان امام حَسن ۽ امام حسين رضی اللہ عنہما جي باغ جا گُلَ ۽ حضرت علي رضی اللہ عنہ جي اکين جا تارا آهيو ۽ مصطفٰي جانِ رحمت صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جي سنّتن جا عاشق آهيو.

ماشَآءَالله! خواجہ صاحب رحمۃ اللہ علیہ علمِ دين جا تمام وڏا عاشق هئا، جڏهن سندن عُمر مبارڪ 15 سال هئي تہ والد محترم جو انتقال ٿي ويو، وراثت ۾ ڪين هڪ باغ ۽ هڪ پاڻي واري چڪي مِلي، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ باغ وڪڻي ڇڏيو، چڪي بہ وڪڻي ڇڏي ۽ باقي جيڪو سامان هو، سڀ وڪڻي ڇڏيو، ان جي قيمت فقيرن، مسڪينن ۾ صدقو ڪيائون ۽ علمِ دين جي واٽ جا مسافِر بڻجي ويا. پهريان پاڻ سَمرقند ويا، اتي قرآنِ پاڪ حفظ ڪيائون ۽ مولانا شرفُ الدين رحمۃ اللہ علیہ کان علمِ دين سکيو، خواجہ صاحب جيئن جيئن علم سکندا ويا، تيئن تيئن علم جي اُڃَ وڌندي وئي، جيئن تہ سَمرقند ۾ علم سکي ڪري پاڻ بخارا تشريف وٺي آيا ۽ اتي مشهور عالِمِ دين شيخ حُسّامُ الدين رحمۃ اللہ علیہ جي شاگردي اختيار ڪيائون، تقريباً 5 سالن جي مختصر عرصي ۾ پاڻ ان وقت جي رائج علومن کي سکي ڪري فراغت حاصل ڪئي.(الله کے خاص بندے عبده، صفحه:508، 509 ملخصاً۔)

ظاهري علوم سکڻ کان بعد پاڻ باطني علومن جي طرف توجهہ ڏنائون ۽ ان جي لاءِ ايران جي علائقي هارون پهتا، اتي حضرت خواجہ عُثمان هَارُوَني رحمۃ اللہ علیہ جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ تقريباً 20 سالن تائين پير صاحب جي خدمت ۾ حاضر رهي ڪري معرفت جون منزلون طئي ڪندا رهيا. (مرآۃ الاسرار، صفحہ:594خلاصۃً۔)

خواجۂ خواجگاں مُعِینُ الدِّیْن
مُرشِدِ رہنمائے اہلِ صَفا

فخرِ کون ومکاں مُعِینُ الدِّیْن
ہادیٔ اِنس وجاں مُعِینُ الدِّیْن (1)

1...معين الارواح، صفحہ:336۔

545 هجري کان وٺي 622 هجري تائين77 سالن جو گهڻو حصو خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ عليه سَفر ۾ گذاريو، ❁ مديني پاڪ، ❁ مڪي شريف، ❁ خُراسان، ❁ سَمرقند، ❁ بخارا، ❁ عِراق، ❁ هارُوَن، ❁ بغداد، ❁ ڪِرمان، ❁ هَمدان، ❁ تَبريز، ❁ اَستَرآباد، ❁ خَرقان، ❁ هرّات، ❁ غَزني، ❁ رَيّ، ❁ بَدَخشان، ❁ دمشق، ❁ جيلان، ❁ اصفهان، ❁ مُلتان، ❁ لاهور، ❁ دهلي ۽ اجمير وغيره مختلف شهرن ۾ ويا، اتي موجود بزرگانِ دين، اولياءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضري ڏنائون، ڪٿي علم ۽ معرفت جو فيضان ورهايائون، تہ ڪنهن کان علمِ ظاهر ۽ باطن سکڻ ۾ مصروف رهيا.(هند کے راجہ، صفحہ:70بتغير۔)

تقريباً 5 مهينن تائين پاڻ بغداد شريف ۾ پيرن جي پير، پير دستگير شيخ عبدُالقادر جيلاني يعني حُضور غوثِ اعظم رحمۃُاللہِعلیه جي خدمت ۾ بہ حاضر رهيا.

(مرآۃ الاسرار، صفحہ:594۔)

خواجہ صاحب رحمۃُاللہِعلیه دين جا وڏا خدمت گذار هئا، پاڻ تقريباً 90 لکَ ڪافرن کي ڪلمو پڙهائي دائرهِٔ اسلام ۾ داخل ڪيائون، 96 سالن تائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، 6 رجبُ المُرجب، 633 هجري، سومر شريف جي ڏينهن، صبح فجر جي وقت مُريدَ انتظار ۾ هئا تہ پيرو مُرشد تشريف وٺي ايندا، نمازِ فجر پڙهائيندا پر حُضور خواجہ صاحب رحمۃُاللہِعلیه نہ اچڻا هئا، نہ آيا، ڪافي دير کان پوءِ حُجري جو دروازو کولي ڪري ڏنائون تہ سلطانُ الهند، خواجہ غريب نواز، معينُ الدين حسن چشتي، سنجري، اجميري رحمۃُاللہِعلیهوصال فرمائي چڪا هئا، ڏسڻ وارن هي ايمان اَفروز منظر پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ خواجہ صاحب رحمۃُاللہِعلیه جي نوراني پيشانيءَ تي لکيل هو:حَبِیۡبُ اللہِ مَاتَ فِیۡ حُبِّ اللہِ يعني اللہ جو محبوب پانهو، محبتِ الٰهي ۾ وصال ڪري ويو.بندکے راجہ، صفحہ:78، 79بتغير قليل۔ حضور خواجہ صاحب رحمۃُاللہِعلیه جي مزار

مبارڪ هند جي مشهور شهر اجمير صوبو راجِستان شمالي هند ۾ آهي. مرآة الاسرار، صفحہ:610بتغير قليل۔

خواجۂ ہند وہ دربار ہے اعلیٰ تیرا
کبھی محروم نہیں مانگنے والا تیرا
پھر مجھے اپنا دَرِ پاک دِکھادو!
آنکھیں پُرنور ہوں پھر دیکھ کر جلوہ تیرا

ذوقِ نعت، صفحہ:27، 28 ملتقطاً۔

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خواجۂِ هند جو مبارڪ دربار

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا پيارا خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ سلطانُ الهند آهن، سندن وفات کي صديون گذري چڪيون آهن پر اڄ بہ سندن دربارِ عالي تي ماڻهن جو هجوم هوندو آهي (يعني تمام گهڻي رش هوندي آهي) امير هجن يا غريب، بادشاهہ هجن يا فقير، سندن مزار تي ذوق ۽ شوق سان حاضري ڏيندا ۽ مَن جون مُرادون ماڻيندا آهن. خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي مبارڪ مزار اها بُلند بارگاهہ آهي، جتي بادشاهن جا بہ سرَ جهڪندا آهن.

ہمارے خانۂ دِل میں خیالِ غیر کیا آئے
یہ کاشانہ ہے کاشانہ مُعِیْنُ الدِّیْن چشتی کا
تم ہی اے نوحؔ! دیوانے ہو کیا سارے زمانے میں
زمانہ بھی ہے دیوانہ، مُعِیْنُ الدِّیْن چشتی کا

*–*–*–*

خواجۂ خواجگاں! غریب نواز، غریب نواز
قبلۂ عارفاں! غریب نواز، غریب نواز
مُرشِدِ ناقصاں! غریب نواز، غریب نواز
رہبرِ کامِلاں! غریب نواز، غریب نواز

هادِیِ گمرہاں! غریب نواز، غریب نواز | مُصلِحِ عاصیاں! غریب نواز، غریب نواز

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# خواجہ جي درٻار ۾ بادشاهن جون حاضريون

۞ سِيَرُ الْاَقطاب ۾ آهي: هڪ ڏينهن خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ شيخ اَوحد ڪِرماني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ۽ شيخ شهابُ الدين سُهروردي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سان گڏ وينا هئا تہ هڪ ڇوڪرو تير ڪماڻ کڻي اتان ڪان گذريو، ان کي ڏسندي ئي خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمايو: هي ڇوڪرو دهلي جو بادشاه ضرور ٿيندو، آخرڪار اهو ئي ٿيو، ٿوري ئي عرصي ۾ اهو ڇوڪرو دهلي جو بادشاه بڻيو ۽ سلطان شَمسُ الدين اَلتَمِشؒ جي نالي سان مشهور ٿيو.سير الاقطاب، صفحہ:134۔

تمہارے منہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی | کہا جو دِن کو کہ شب ہے تو رات ہو کے رہی

سلطان شمسُ الدّين خواجہ صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سان تمام گهڻي عقيدت رکندا هئا، انهن خواجہ صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ ۽ پاڻ کان باقاعده مَعرفت جي تعليم حاصل ڪئي.معين الارواح، صفحہ:315۔

جھولیاں بھرتے ہو منگتوں کی، مجھے بھی ہو عطا | حصۂ جود و سخا، خواجہ پیا! خواجہ پیا!
نَے میں سائل راج کا، نَے تخت کا، نَے تاج کا | میں فقط منگتا ترا، خواجہ پیا! خواجہ پیا!

وسائل بخشش، صفحہ:537۔

۞ خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي وصال فرمائڻ کان بعد جو واقعو آهي، سلطان محمود خلجي کي هڪ خط مليو، ان ۾ لکيل هو: اَجمير خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خواب گاهہ آهي، هند ۾ اسلام هتان کان پکڙجو پر اڄ هتي ڪُفر جي حڪومت آهي ۽ هتي شعائرِ اسلام (مثال طور قرآن پاڪ، مسجدن، صحابہ ۽

اهل بيت وغيره) جي بيحرمتي ڪئي پئي وجي. سلطان محمود خلجي خط پڙهيو، غمگين ٿيا ۽ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي بارگاھ ۾ مدد جي درخواست ڪيائون، پوءِ فوج وٺي ڪري اَجمير پهتا، غيرمسلمن کي تباھ و برباد ڪيائون، پوءِ بارگاھِ خواجہ ۾ حاضر ٿي، خواجہ صاحب رحمۃ اللہ علیہ جو شڪريو ادا ڪيو، درٻار شريف جي ويجهو هڪ مسجد بہ تعمير ڪئي ۽ درٻار جي خادمن جي خوب خدمت ڪئي.معين الارواح، صفحہ:315خلاصةً۔

❁سلطان نورُ الدين جهانگير 1022 هجري تي پيرين اگهاڙي اجمير شريف حاضر ٿيا ۽ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي درٻارِ عالي وقار ۾ حاضري ڏنائون.

معين الارواح، صفحہ:320۔

شاهجهان 21 سال هند تي حڪومت ڪئي ۽ انهن 21 سالن ۾ 5 ڀيرا خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي درٻار ۾ حاضري ڏني ۽ ڪيئي ڏينهن اتي قيام ڪيائون.

معين الارواح، صفحہ:321بتغير قليل۔

❁ مغليہ سلطنت جي آخري بادشاھ بهادر شاھ ظفر خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي شان ۾ قصيدا لکندا ۽ سندن درٻار ۾ مدد جي درخواست ڪندا رهندا هئا، بهادر شاھ ظفر جي لکيل هڪ منقبت جا ڪجھ شعرَ پڙندا!

معين الارواح، صفحہ:335بتغير قليل۔

آستاں بوسی کا مجھ کو شوق تو ہے اس قدر
اُڑ کے پہنچوں میں ابھی، میرے اگر ہوں بال وپَر

پَر کروں کیا، میں ہوں بے طاقتِ قدم سے سر بسر
ہے تمہاری ہی فقط چشمِ عِنَایت پر نظر

یا مُعِیْنُ الدِّیْن چشتی! دستگیری لازِم اَست

**شعرن جو مفهوم:** مون کي اوهان جي درٻار تي حاضري جو تمام گهڻو شوق آهي، منهنجا پرَ هجن ها تہ اڏامي ڪري پهچان ها پر ڇا ڪيان جو ڪمزور ۽ بيوس آهيان، اوهان جي عنايت

تي نظر آهي، اي مُعينُ الدين! منهنجي مدد فرمايو!

طواف کرتا ہے تمہارے آستاں کا آسماں | خواجۂ ہر دو جہاں ہو، شاہِ شاہانِ جہاں
کعبۂ اَہْلِ صَفا ہو، قبلہ گاہِ مُقبِلاں | آپ کا دستِ حِمَایت، چھوڑ کر جاؤں کہاں؟

یا مُعِیْنُ الدِّیْن چشتی! دستگیری لازِم اَست

**شعرن جو مفهوم:** آسمان اوهان جي درَ جو طواف ڪندو آهي يعني اوهان جي دربارِ عالي نهايت بُلند آهي، اوهان ٻنهي جهانن ۾ خواجہ ۽ بادشاهن جا بادشاهَ آهيو، اولياءِ ڪرام جو قبلو ۽ ڪعبو آهيو، اوهان جي حمايت ۽ عنايت ڇڏي ڪري مان ڪيڏانهن ويندُس...! اي مُعينُ الدين! منهنجي مدد فرمايو!

رياستِ آصفيہ جو وزيرِ اعظم راجہ سر ڪِشَن پَرشاد 1924 عيسوي ۾ خواجہ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي هٿن سان مُورڇَل(مُورَ جي پرن مان ٺهيل وڏو هٿن جو پکو) جهلڻ جي خدمت انجام ڏني. راجہ پَرشاد شاعر بہ هو، جڏهن ان کي خواجہ جي دربار تي خدمت جو موقعو مليو تہ ان خواجہ صاحب رحمۃُ اللہِ علیہ جي شان ۾ شعرَ چيا، لکي ٿو: (معين الارواح، صفحہ:326۔)

جھکتے ہیں شاہوں کے سَر خواجہ کی وہ سرکار ہے | ہیں ملک دربان وہ شاہِ چِشْت کا دربار ہے

راجہ پرشاد کي دربار شريف تي پَکو جهلڻ جي خدمت ملي، ان جي متعلق لکي ٿو: (معين الارواح، صفحہ:326۔)

مَوُرچَھل جھلنے کی خدمت مل گئی | شاد کو دنیا کی عزت مل گئی
بارگاہِ خواجۂ اجمیر سے | لو کلیدِ گنجِ قسمت مل گئی

شعرن جو مفهوم: مورڇل جهلڻ جي خدمت ڇا ملي، شاد کي دنيا جي عزت ملي وئي. ڇڻ تہ! خواجہ اجمير رحمۃُ اللہِ علیہ جي دربار مان قسمت جي خزاني جي ڪنجي ملي آهي.

ان کان علاوه، شهزادو دَارَا شُکُوه، سلطان غِياثُ الدّين، سُلطان ماندو، شهزادو شُجاع، شهزادو فَرُّخ ۽ ڪيئي ٻيا وقت جا بادشاهه هند جا سلطان ۽ حڪمران پنهنجي پنهنجي دُورِ حڪومت ۾ خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي درٻارِ عاليشان ۾ حاضري ڏئي ڪري زبانِ حال سان هي اقرار ڪندا رهيا تہ هند جي تخت تي جيتوڻيڪ ڪو بہ ويهي پر حقيقت ۾ هند جا سلطان خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ئي آهن.معين الارواح، صفحہ:328بتغير قليل۔

| | |
|---|---|
| وہ ہند کے راجہ ہیں، میں اُن کا بھکاری ہوں | خالی میں چلا جاؤں، کب اُن کو گوارا ہے |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خواجۂ خواجگاں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز | قبلۂ عارِفاں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز |
| مُرشِدِ ناقِصاں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز | رہبر کامِلاں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز |
| ہادیِ گمرہاں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز | مُصلحِ عاصیاں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز |
| حامیِ بے بَساں! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز | ہیں کَسِ بے کساں ! غریب نواز | غریب نواز ، غریب نواز |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سلام جو جواب ڏنو

حضرت اَوْرَنگزيب عالمگير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي هڪ مغل بادشاهه هئا، ٻارهين صدي هجري جا مجدد آهن، (مجددينِ اسلام نمبر، صفحہ:333۔) پنهنجي دورِ حڪومت ۾ 4 ڀيرا خواجہ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا.(معين الارواح، صفحہ:324۔) هڪ ڀيرو بادشاهه اَورنگزيب عالمگير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزارِ پُر انوار تي حاضر ٿيا ۽ سلام عرض ڪيائون، خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طرفان ان جو ڪو جواب نہ مليو، بادشاهه اورنگزيب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻيهر سلام پيش ڪيو، وري بہ ڪو جواب نہ آيو، جڏهن بادشاهه ٽئين ڀيري سلام ڪيو تہ مزار پاڪ مان جواب آيو:

وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ يَا حُجَّةَ الْإِسْلَامِ۔ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي طرفان سلام جو جواب ٻڌي ڪري بادشاهہ اورنگزيب رحمۃ اللہ علیہ نهايت خوش ٿيا، سندن تي وَجَد جي ڪيفيت طاري ٿي وئي، پاڻ ڪافي دير تائين مزار پُرانوار تي حاضر رهيا، انهيءَ دوران ڪين ننڊ اچي وئي ۽ سمهي پيا، اکيون بند ٿيون تہ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ وڏيڪ ڪرم فرمايو ۽ خواب ۾ تشريف وٺي آيا. بادشاهہ اورنگزيب رحمۃ اللہ علیہ عرض ڪيو: خواجہ حُضور! مون ہہ پيرا سلام پيش ڪيو تہ اوهان ڪو جواب نہ ڏنو، ٽئين ڀيري جواب عنايت فرمايو، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: مان ڪعبي شريف جي ويجهو سجدي ۾ هيس، ان ڪري پهرين ۽ ٻئين ڀيري جواب نہ ڏئي سگهيس.(ہند کے مرشِدِ اعظم، صفحہ:134، 135۔)

## ڇا مزاروارا ٻڌندا، جواب ڏيندا آهن...؟

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي اسان جي خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جو! يقيناً اولياءِ ڪرام پنهنجي مزارن ۾ زنده آهن، مزار تي حاضر ٿيڻ وارن کي ڏسندا آهن، انهن جو آواز بہ ٻڌندا آهن، انهن کي سڃاڻيندا ۽ اللہ پاڪ جي عطا سان انهن جون اميدون بہ پوريون فرمائيندا آهن. ❁ حديثِ پاڪ ۾ آهي، مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو بہ پنهنجي اهڙي مسلمان ڀاءُ جي قبر وٽان گذري جنهن کي دنيا ۾ سڃاڻيندو هو ۽ سلام ڪري تہ مڙدو بہ ان کي سڃاڻيندو ۽ سلام جو جواب ڏيندو آهي.

(الاستذکار، کتاب الطہارۃ ، باب جامع الوضوء ،جلد:1، صفحہ:226، تحت الحديث : 29۔)

❁ آخري نبي، مُحمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غزوهءِ اُحد کان واپسي تي حضرت مُصعَب بن عُمَير ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي بيهنا ۽ ارشاد فرمايائون: مان گواهي

ڏيان ٿو تہ توهان اللّٰه پاڪ وٽ زنده آهيو. (پوءِ فرمايائون: اي انسانو!) انهن جي زيارت ڪندا ڪريو ۽ انهن کي سلام ڪندا ڪريو! ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! **قيامت تائين جيڪو بہ انهن کي سلام ڪندو هي ان جي سلام جو جواب ڏيندا.** معجم اوسط، جلد:3، صفحہ: 7، حديث:3700۔

## توهان بخشيلن مان آهيو...!!

حضرت بابا فريد گنج شڪر رحمۃ اللہ علیہ جن جي مزار شريف پاڪپتن ۾ آهي، پاڻ بہ تمام وڏا ڪامل ولي آهن، فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان اَجمير شريف حاضر ٿيس ۽ حضرت خواجہ مُعينُ الدين چشتي اجميري يعني خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي مبارڪ روضي تي رڪيل رهيس، اها عرفہ جي رات هئي، مون مزار شريف جي ويجهو (قبلي ڏانهن منهن ڪري) نماز ادا ڪئي، پوءِ اتي ئي ويهي ڪري تلاوت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويس. اتي ويني ويني مان 15 سيپارا تلاوت ڪري چُڪو هيس، سورتِ ڪَهف يا سورتِ مَريم جي تلاوت ڪري رهيو هيس تہ مون کان پڙهڻ ۾ غلطي ٿي ۽ هڪ اکر رهجي ويو. بهرحال مون کي ان غلطي جو احساس نہ ٿيو هو، مان اڳتي پڙهڻ لڳس تہ مزار شريف مان آواز آيو: هي اکر ڇڏي ويا آهيو، ٻيهر پڙهو! مون ان مقام کان ٻيهر پڙهيو، هاڻي آواز آيو: **بهترين پڙهو ٿا، خَلفُ الرشيد (يعني چڱا پٽ) ائين ئي ڪندا آهن.** بابا فريد رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ان کان پوءِ مان تلاوت ڪندو رهيس، جڏهن مان تلاوت مڪمل ڪري چُڪس تہ مون روئي روئي ڪري دعائون گهريون، مون کي هي ڊپ هو تہ هاءِ! خبر ناهي مان بخشيلن مان آهيان يا ناهيان، ان خوف سبب مان روئي رهيو هيس تہ اوچتو مزار شريف مان آواز آيو: **مولانا! جيڪو شخص هي نماز پڙهندو آهي، اهو بخشيلن مان آهي.** ہند کے مرشِدِ اعظم، صفحہ:133۔

# رات جي نماز جا فضائل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو مزارات تي وڃڻ اتي وڃي ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ تلاوت ڪرڻ وغيره نيڪ ماڻهن جو طريقو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ وقفي وقفي سان مزارن تي حاضري جي عادت بڻايون، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون نصيب ٿينديون. وڌيڪ هن واقعي مان رات جي عبادت جي فضيلت بہ معلوم ٿي تہ بابا فريد رحمۃ الله عليه جن رات جو نماز ادا ڪئي، تلاوتِ قرآن ۾ مصروف رهيا، ان تي خواجہ غريب نواز رحمۃ الله عليه جن مزار شريف مان آواز ڏئي ڪري فرمايو: **جيڪو ٻانهو هيءَ نماز پڙهندو آهي، اهو بخشيلن مان آهي.**

سُبْحٰنَ الله! ياد رهي! رات جي نماز جي هيءَ فضيلت خواجہ غريب نواز رحمۃ الله عليه پنهنجي طرفان بيان ناهي فرمائي بلڪ مبارڪ حديثن ۾ هن طرح جون خوشخبريون ٻڌايون ويون آهن.❁ فرمانِ مصطفٰي صلّى الله عليه واٰله وسلّم آهي: **رات جي قيام کي پنهنجي پاڻ مٿان لازم ڪيو** ڇوتہ هي توهان کان پهريان صالحين (نيڪ ماڻهن) جو طريقو ۽ توهان جي ربَّ جي قربت جو ذريعو آهي ۽ گناهن کي مٽائڻ ۽ گناهن کان بچائڻ جو سبب آهي.(ترمذي، ڪتاب الدعوات، باب في دعاء لنبي صَلَّى اللہ عَلَيْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم،صفحہ:811، حديث:3549۔) ❁**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** اي انسانو! سلام عام ڪيو ۽ کاڌو کارايو ۽ رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪيو ۽ رات ۾ نماز پڙهو جڏهن ماڻهو سمهندا هجن، سلامتي سان جنّت ۾ داخل ٿيندؤ.(ابن حبان ،ڪتاب البر والاحسان ،باب افشا ء السلام واطعام الطعام ،صفحہ:252، حديث:508۔) ❁ هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ جنّت ۾ ڪجهہ اهڙا محلات آهن جن ۾ آرپار نظر ايندو آهي، الله پاڪ اهي محلات انهن ماڻهن جي لاءِ تيار ڪري رکيا آهن جيڪي محتاجن کي کاڌو کارائيندا آهن، سلام کي

عام ڪندا ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي رهيا هجن تہ نماز پڙهندا آهن.

(ابن حبا ن ،ڪتا ب البر والاحسان ،باب افشا ء السلام واطعام الطعام ،صفحہ:252، حديث:509)

عِبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگادے دل
رجب کا واسِطہ دیتا ہوں، فرمادے کرم مولیٰ

وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

## مزارن تي وڃڻ سعادت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ ولين جي مزارن تي حاضري ڏيندا ڪريون، ولين جي مزارن تي حاضري ڏيڻ سعادت مندي آهي، اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: مسلمانن جي قبرن جي زيارت سنت ۽ اولياء ۽ شهيدن رحمۃ اللہ علیہم جي مزارن تي حاضري ڏيڻ سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب ڪرڻ سنو ۽ ثواب جو ڪم آهي.[1] پاڻ اسان جا آقا و مولا، مڪي مدني مصطفٰي صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم هر سال شهداءِ اُحد جي مزارن تي تشريف وٺي ويندا هئا،تفسير طبری، پاره:13، سورة اَلرَّعْد، زير آيت:24، جلد:7، صفحہ:377، حديث:20344 ۔ اهڙيءَ طرح اسان جي آقا. مديني واري مصطفٰي صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جو بقيعِ پاڪ ۾ وڃڻ جو تہ عام معمول هو.(مسلم، كتاب الجنائز، باب ما يقال عند دخول القبور...الخ، صفحہ:348، حديث:974۔)

هاڻي پاڻ غور فرمايو! شهداءِ اُحد ڪير آهن؟ صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم آهن، ان دور ۾ بقيعِ پاڪ ۾ ڪير آرام فرما هئا؟ صحابہءِ ڪرام رضی اللہ عنہم ئي هئا ۽ هر صحابي صرف وليُ الله ئي نہ بلڪ اُمَّت جي وڏي کان وڏي وليُ الله جا سردار

---

1...فتاوی رضويہ، جلد:9، صفحہ:532 بتغير ۔

آهن ۽ پيارا آقا صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن حضرات جي مزارن تي تشريف آڻي رهيا آهن، پر اهو ياد رهي! اسان جو اولياءِڪرام رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِم جي مزارن تي حاضر ٿيڻ ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مزارن تي تشريف کڻي وڃڻ ۾ فرق آهي. اسان مزارن تي ويندا آهيون بزرگن کان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پر اسان جا پيارا نبي، مکي مدني، محمد عربيءَ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مزارن تي ويندا هئا، فيض ڏيڻ جي لاءِ.

## ملائڪن جي هڪ سنّت

اهڙيءَ طرح ولين جي مَزارن تي وڃڻ ملائڪن جي به سنّت آهي. جي ها! حديثِ پاڪ ۾ آهي: مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت عليُّ المُرتضٰي، شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي علي! قرآن سک! ٻين کي سيکار! توکي هر اکرَ تي 10 نيڪيون ملنديون ۽ جڏهن تون وفات ڪندي ته توکي شهادت جو رُتبو نصيب ٿيندو ۽ اِنْ مِتَّ حَجَّتِ الْمَلَائِكَةُ اِلٰى قَبْرِكَ كَمَا يَحُجُّ النَّاسُ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْق جڏهن تون وفات ڪري ويندي ته ملائڪ تنهنجي قبر جي ائين ئي زيارت جي لاءِ ايندا، جيئن ماڻهو بيتُ العتيق (يعني ڪعبي شريف) جي زيارت جي لاءِ ويندا آهن.
(جمع الجوامع، جلد:9، صفحہ:159،، حديث:27914 ـ)

سُبْحٰنَ اللّٰهُ! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! جيترا به اولياءِ ڪرام آهن، الحمد لله! سڀ ئي قرآنِ ڪريم پڙهڻ وارا، ٻين کي قرآن و سنّت جي تعليم ڏيڻ وارا هئا، جڏهن اهلِ قرآن (يعني قرآنِ ڪريم سکڻ سيکارڻ وارن نيڪ ماڻهن) جي مزارُن تي ملائڪَ به حاضر ٿيندا آهن ته اسان ڇونه حاضر ٿيون، ڇونه اولياءِ ڪرام جو فيضان ماڻيون...؟

## مزارن تي وڃڻ جون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ولين جي مَزارن جون ڪوڙ برڪتون آهن ❁ هي اهي

مقامات آهن، جتي الله پاڪ جي رحمت ڇَماڇم وسندي آهي ❁ ولين جي مَزارن تي حاضري جي برڪت سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي ❁ انهن نيڪ ماڻهن جي شان و شوڪت ڏسي ڪري دل ۾ نيڪ ڪمن جي اهميت اجاگر ٿيندي آهي ❁ اتي الله پاڪ جون ڪرم نوازيون اکين سان ڏسڻ جي لاءِ ملنديون آهن ❁ انهن مزارن جون رونقون ڏسي ڪري الله پاڪ جي واعدن تي ايمان مضبوط ٿي ويندو آهي.

پير مهر علي شاه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي بُلند مرتبي وارا عالِم دين، سيد زاده ۽ نهايت وڏا ڪامل ولي آهن، پاڻ هر سال بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار تي حاضري ڏيندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ پاڪپتن تشريف وٺي ويا تہ ڪنهن بدعقيده پڇي ورتو: اوهان تہ عالمِ دين آهيو، اوهان بہ مزارن تي ويندا آهيو؟ پير مهر علي شاه صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: مان تہ هتي قرآني آيتن جي تفسير اکين سان ڏسڻ ايندو آهيان. ان بدعقيده حيران ٿي ڪري پڇيو: ڪهڙي آيت جي تفسير؟ فرمايائون: الله پاڪ جو فرمان آهي:

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ توهان مون کي ياد ڪريو، مان توهان کي ياد ڪندُس.

(سيپارو : 2، البقرة: 152)

بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي هستي آهن، جن سڄي زندگي الله پاڪ جو ذڪر ڪندي گذاري، هاڻي مان ڏسڻ ايندو آهيان تہ واقعي انهن جو چرچو ٿي رهيو آهي، اهي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا هئا، هاڻي مخلوق فريد فريد ڪندي آهي.

مهر منير، صفحہ:430، 431 خلاصۃً۔

سُبْحٰنَ الله! مزارن تي وڃڻ سان اسان کي اها ترغيب ملندي آهي، اندر ئي اندر

نيڪ جذبا اڀرندا آهن تہ ڏسو! هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها...!! انهن سڄي زندگي الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ گذاري، آخرت ۾ انهن کي جيڪو اَجر ۽ ثواب ملندو، اهو تہ ملندو ئي، الله پاڪ هن دنيا ۾ ئي انهن تي ڪرم فرمايو ۽ انهن جي مزارُن تي رونقون لڳائي ڇڏيون آهن، هي پاڻ تہ دنيا مان وڃي چُڪا آهن پر انهن جي چاهڻ وارن جي ايصالِ ثوابَ جي ذريعي انهن جي نيڪين جو ميٺر هاٽي بہ هلي رهيو آهي. هي نيڪ جذبا اسان کي بہ نيڪي تي اڀاريندا ۽ نيڪ بڻجڻ ۾ مدد ڏيندا آهن.

اهڙيءَ طرح ولين جي مزارن جي برڪتن مان هڪ برڪت هيءَ بہ آهي تہ اتي دعائون جلدي قبول ٿينديون آهن، يقيناً الله پاڪ هر جڳهہ ٻڌندو آهي، اسان پنهنجي گهر جي ڪُنڊ ۾ ويهي ڪري دعا گهرون، الله پاڪ اتي بہ اسان جي ٻڌندو آهي پر اولياءِ ڪرام جي قرب ۾، پنهنجي انهن مقبول ٻانهن جي صدقي ۾ جلدي ٻڌندو (يعني اسان گناهگارن جون مُرادون پوريون فرمائي ڇڏيندو آهي).

## انڌي کي اکيون ملي ويون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ واقعي حقيقت آهي، اعتقاد پڪو هجي تہ ولين جي مزارن مان فيضان نصيب ٿيندو آهي. جون ٿا: هڪ ڀيري اَورنگزيب عالمگير رحمۃ اللہ علیہ سلطانُ الهند خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ جي مزار شريف تي حاضر ٿيا. صحن ۾ هڪ انڌو فقير ويهي صدا ڏئي رهيو هو: اي خواجہ غريب نواز! اکيون ڏي. پاڻ ان فقير کان پڇيائون: بابا! گهڻو عرصو ٿيو اٿئي اکيون گهرندي؟ چيائين: سالَ گذري ويا آهن پر مُراد پوري ئي نہ ٿي ٿئي. فرمايائون: مان مزار شريف تي حاضري ڏئي ٿوري دير ۾ واپس اچان ٿو جيڪڏهن اکيون روشن ٿي ويون تہ ڦِبها (يعني تمام ڀلو) نہ تہ قتل ڪرائي ڇڏيندوسانءِ. هي چئي ڪري فقير

تي پهرو لڳائي ڪري بادشاھ حاضري جي لاءِ اندر هليا ويا. هوڏانهن فقير دانهون ڪري روئڻ لڳو ۽ روئي روئي ڪري فرياد ڪري رهيو هو: اي خواجہ! پهريان صرف اکين جو مسئلو هو هاڻي تہ جان جو مسئلو ٿي ويو آهي، جيڪڏهن اوهان ڪرم نہ فرمايو تہ ماريو ويندس. جڏهن بادشاھ حاضري ڏئي ڪري موٽيا تہ ان جون اکيون روشن ٿي چڪيون هيون. بادشاھ مُسڪرائي ڪري فرمايو: تون هاڻي تائين بي دلي ۽ بنا توجھ جي گهري رهيون هئين ۽ هاڻي تہ جان جي خوف کان تو دل جي تڙپ سان سوال ڪيو تہ تنهنجي مُراد پوري ٿي وئي.

(خوفناڪ جادوگر، صفحہ:19، 20۔)

اب چشمِ شِفا سُوئے گنہگار ہو خواجہ
عِصیاں کے مرض نے ہے بڑا زور دکھایا

*—*—*

| | | | |
|---|---|---|---|
| خواجۂ خواجگاں! | غریب نواز ، غریب نواز | قبلۂ عارِفاں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| مُرشِدِ ناقِصاں! | غریب نواز ، غریب نواز | رہبرِ کامِلاں! | غریب نواز ، غریب نواز |
| حامیِ بے بَساں! | غریب نواز ، غریب نواز | ہیں کسِ بے کساں ! | غریب نواز ، غریب نواز |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هاڻي تہ ڊاڪٽر بہ اکيون ڏيڻ لڳا آهن!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شايد ڪنهن جي ذهن ۾ هي سوال اُڀري تہ گهرڻ تہ الله پاڪ کان گهرجي ۽ اهو ئي ڏيندو آهي، هي ڪيئن تو ٿي سگهي تہ خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ کان کو اکيون گُهري ۽ اهي عطا بہ فرمائي ڇڏين! جواب عرض آهي تہ حقيقتاً الله پاڪ ئي ڏيڻ وارو آهي، مخلوق مان جيڪو بہ ڪجھ بہ

ڏيندو آهي اهو الله پاڪ کان ئي وٺي ڪري ڏيندو آهي. الله پاڪ جي عطا کان بغير ڪو هڪ ذرّو بہ نہ ٿو ڏئي سگهي. الله پاڪ جي عطا سان سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ کان اکيون گهري ورتيون ۽ انهن الله پاڪ جي عطا سان عنايت فرمائي ڇڏيون تہ آخر هيءَ ڪهڙي ڳالهہ آهي جيڪا سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي؟ هي مسئلو تہ في زمانہ فنِّ طبّ بہ حل ڪري ڇڏيو آهي! هر ڪوئي ڄاڻي ٿو تہ اڄڪلهہ ڊاڪٽر آپريشن جي ذريعي مُئل جون اکيون لڳائي ڪري انڌن کي بِينا (يعني ڏسندڙ) ڪري ڇڏيندا آهن. بَس اهڙيءَ طرح خواجہ غريب نواز رحمۃ اللہ علیہ بہ هڪ انڌي کي الله پاڪ جي عطا ڪيل روحاني طاقت سان نابينائي جي مرض کان شفا ڏئي ڪري بينا (يعني ڏسندڙ) ڪري ڇڏيو. بهرحال جيڪڏهن ڪو هي عقيدو رکي تہ الله پاڪ ڪنهن نبي يا ولي کي مرض کان شفا ڏيڻ يا ڪجهہ عطا ڪرڻ جو اختيار ڏنو ئي ناهي تہ اهڙو شخص قرآنِ پاڪ جي حڪم کي ڪوڙو ڄڻي رهيو آهي. سيپارو 3 سورتِ اٰلِ عمران آيت نمبر 49 ۾ حضرت عيسٰي علیہ السّلام جو قول نقل ڪيو ويو آهي:

وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَ الْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ مان پيدائشي انڌن کي ۽ ڪوڙهہ جي مريضن کي شفاء ڏيندو آهيان ۽ مان الله جي حڪم سان مُئل جيئاريندو آهيان.

ڏٺو اوهان! حضرت عيسٰي علیہ السّلام صاف صاف اعلان فرمائي رهيا آهن تہ مان الله پاڪ جي ڏنل عطا سان پيدائشي انڌن کي بينائي ۽ ڪوڙهين کي شفا ڏيندو آهيان ايستائين جو مُردن کي بہ زندهہ ڪري ڇڏيندو آهيان. الله پاڪ جي طرفان انبياءِ ڪرام علیہم السّلام کي طرح طرح جا اختيارَ عطا ڪيا ويندا آهن ۽ نبين سڳورن علیہم السّلام جي فيضان مان اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم کي بہ اختيارَ ڏنا ويندا آهن،

تنهنڪري اهي بہ شفا ڏئي سگهن ٿا ۽ گهڻو ڪجھ ڏئي سگهن ٿا.

محیِ دِیں غوث ہیں اور خواجہ مُعینُ الدیں ہیں
اے حسنؔ! کیوں نہ ہو محفوظ عقیدہ تیرا

ذوقِ نعت، صفحہ:29۔

**شعرن جو مفهوم:** غوث اعظم رحمۃ اللہ علیہ مُحيُ الدِّين يعني دين کي زندھ ڪرڻ وارا آهن ۽ خواجہ حُضور رحمۃ اللہ علیہ مُعِينُ الدّين يعني دين جا مددگار آهن پوءِ اي حسن....! انهن مبارڪ هستين جي هوندي توهان جو عقيدو ڇو محفوظ نہ رهندو....!!

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي اولياءِ ڪرام جي متعلق هميشہ خوش عقيدو ٿي رکڻ گهرجي، انهن جي بي ادبي کان بچڻ، انهن جي مزارُن ۽ تبرڪن جي بي ادبي کان بچڻ نهايت ضروري آهي، نہ تہ سخت نقصانن جو سامنو ٿي سگهجي ٿو.

## مزارِ پاڪ جي بي ادبي جي سزا

حضرت علامہ مولانا غلام جيلاني ميرٺي رحمۃ اللہ علیہ بيان فرمائن ٿا تہ هڪ پيري بَدمذهب حضرت سلطانُ المشائخ محبوبِ الٰهي رحمۃ اللہ علیہ جي مزار شريف جي بي ادبي ڪندي چيو تہ اتي ڇا رکيو آهي مٽيءَ جو ڍيرُ آهي. الله پاڪ جي قدرت جو رات جي وقت ان کي جسم جي ڪنهن حصي ۾ اهڙو سخت سورُ پيو جو سڄي رات نہ پاڻ سمهي سگهيو نہ ئي پاڙي وارن کي سمهڻ ڏنائين. هر قِسم جي دوا ڪرڻ جي باوجود بہ ان کي ڪجھ فرق نہ پيو.

علامہ غلام جيلاني رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: صبح ان جو ڪو رشتيدار ان سان ملڻ آيو. مون ان شخص کي ٻڌايو تہ ڪنهن مرض ۾ نہ بلڪ پنهنجي گستاخانہ جُملي

جي سبب سزا ۾ گرفتار آهي، هن بي ادب کي چئہ تہ پنهنجي جملي کان توبهہ ڪري هيءَ ان جي دوا آهي. بهرحال ان کي توبهہ جو چيو ويو پر نہ مڃيائين، آخرڪار سندس ماءُ جي اسرار تي ان بي ادب پنهنجي گستاخانہ جملي کان توبهہ ڪئي تہ ان کي تڪليف کان راحت ملي. بشير القاری، صفحہ:11، 12 خلاصۃً۔

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

وسائلِ بخشش، صفحہ:315۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو ذڪرِ خير ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. پاڻ الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان سچي محبت رکڻ وارا عظيمُ الشان وليُ الله هئا. الله پاڪ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي اهڙو شان عطا فرمايو هو جو وڏا وڏا بادشاهہ ۽ پنهنجي زماني جا نالي وارا ماڻهو سندن بارگاهہ ۾ باادب حاضري پيش ڪندا هئا، وڏن وڏن سندن نالي جا قصيده لکيا. الله پاڪ سندن اهڙو شان عطا فرمايو هو جو ان جي عطا سان سندن حاجت مندن جون حاجتون پوريون ٿينديون هيون. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو هي فيضان صرف سندن زندگي سان خاص نہ هو بلڪ سوالين تي ڪرم جي بارش هاڻي بہ جاري آهي.

تیرا دِیار ہے دَارُ السَّلام یا خواجہ
تجلیاں ہیں نئی صبح و شام یا خواجہ
نہ فکر مئے نہ غمِ جام تیرے منگتوں کو
تیری نگاہ سے چلتا ہے کام یا خواجہ
تیرا گدا ہیں گنہگار متقی دونوں
برے بھلے پہ تیرا فیض عام ہے یا خواجہ

معین الارواح، صفحہ:337۔

# مجلس مزاراتِ اولياء جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي دنيا ڀَر ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنّتن جي خوشبوء پکيڙڻ، علمِ دين جي شمع روشن ڪرڻ ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اولياءالله جي محبت ۽ عقيدت وڌائڻ ۾ مصروف آهي. سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن کي مُنظّم ڪرڻ جي لاءِ تقريباً 80 کان وڌيڪ شعبہ جات قائم آهن، انهن مان هڪ شعبو "مزاراتِ اَوّلياء" بہ آهي. ❁ هي شعبو اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم جي رستي تي هلندي مبارڪ مزارُن تي حاضر ٿيڻ وارن اسلامي ڀائرن ۾ ديني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ❁ هي شعبو صاحبِ مزار جي عُرس جي موقعي تي قرآن خواني ۽ اِجتماعِ ذڪر و نعت جو اهتمام ڪندو آهي، ❁ مزارن سان مُلحِقہ (گڏيل) مسجِدن ۾ عاشِقانِ رسول جا مَدَني قافلا سفر ڪرايا ويندا آهن، عُرس جي ڏينهن ۾ مزار شريف جي احاطي ۾ سنّتن ڀريا مَدَني حلقہ لڳايا ويندا آهن، جنهن ۾ وُضوء، غسل، تيّمم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارن تي حاضريءَ جا آداب ۽ ان جو صحيح طريقو ۽ سرڪارِ مدينہ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جون سُنتون سيکاريون وينديون آهن. ❁عاشقانِ رسول کي موقعي جي مناسبت سان سنيون سنيون نيّتون مثال طور باجماعت نماز جي ادائيگي، دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت، درسِ فيضانِ سنّت ڏيڻ يا ٻڌڻ، صاحبِ مزار جي ايصالِ ثواب جي لاءِ هٿون هٿ مدني قافلن ۾ سفر روزانو پنهنجو جائزو وٺندي نيڪ اعمال جو رسالو ڀَرڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. شعبي مزاراتِ اولياء جي تحت عُرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خِدمت ۾ وڌ کان وڌ اِيصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ جي ترغيب ڪئي ويندي آهي،❁ صاحبِ مزار بُزرگ جي سَجاده نشين،❁ خُلَفَا ۽ مَزارن جي مُتَوَلّي صاحبان سان وقتًا فوقتًا ملاقات ڪري انهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمتن،

جامعاتُ المدينہ ۽ مدارِسُ المدينہ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ ٽيڻ وارن ديني ڪمن وغيره ڪان آگاھ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رجب جي روزن جا فضائل

اي عاشقانِ خواجہ! رجب شريف جو مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي هن مهيني ۾ الله پاڪ جي خوب عبادت ڪريو، نماز ۽ تلاوت سان گڏ روزا رکڻ جي ڪوشش بہ ڪريو، حضرت عُرْوہ بن زبير رحمۃ اللہ علیہ حضرت عبدالله بن عُمر رضی اللہ عنہما کان پڇيو: ڇا الله پاڪ جا آخري نبي، رسول هاشمي صلی اللہ علیہ والہ وسلم رَجَبُ الْمُرَجَب ۾ روزا رکندا هئا؟ فرمايائون: هائو!(روزا بہ رکندا هئا) ۽ ان کي اهميت بہ ڏيندا هئا. (1)

جنّتي صحابي حضرت انس بن مالِڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالِڪ ۽ مختار صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: جنهن ماهِ حرام ۾ 3 ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر جا روزا رکيا، ان جي لاءِ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو. (2)

جنّتي صحابي حضرت انس بن مالِڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، مکي مدني صلی اللہ علیہ والہ وسلم جن فرمايو :جنّت ۾ هڪ نهر(شاخ) آهي،

---

1...ڪنزالعمال، جزء:8، جلد:4، صفحہ:301، حديث:24596۔

2...معجم اوسط، جلد:1، صفحہ:485، حديث:1789۔

جنهن کي رَجَب چيو ويندو آهي، ان نهر جو پاڻي کير کان وڌيڪ اڇو ۽ ماکي کان وڌيڪ مِٺو آهي، جيڪو رَجَب شريف جو هڪ روزو رکي، اللہ پاڪ ان کي ان نهر مان سيراب ڪندو.(1)

## صراطُ الجنان ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمد للہ! دعوتِ اسلامي اسان کي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ علمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندي آهي. دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: ***Sirat ul Jinan Quran & Tafsir*** (صراطُ الجنان قرآن اينڊ تفسير) هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل قرآنِ پاڪ اعلٰي حضرت، امامِ اهلسنّت شاه امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ جو لکيل ترجمو ڪنز الايمان، آسان ترجمو، ترجموڪنزُالعرفان ۽ آسان انداز ۾ لکيل تفسير صراطُ الجنان شامل آهي. قرآنِ ڪريم، ترجمو ۽ تفسير آڊيو ۾ بہ ٻڌي سگهون ٿا روزانو تلاوت ڪئي ويندڙ سورتن کي الڳ سان جمع ڪيو ويو آهي، مدني چينل تي هلڻ وارا تفسيرِ قرآن ۽ مختلف قرآني پروگرام بہ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي آساني سان ڏسي سگهون ٿا وڌيڪ هي تہ قرآني آيتن کي، ترجمو ۽ تفسير کي واٽس ايپ (***Whats App***)، فيس بُڪ (***Facebook***) وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر بہ ڪري سگهون ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

---

1...شعب الایمان، باب فی الصیام، جلد:3، صفحہ:368، حدیث:3800۔

# مزارات تي حاضري جا مدني گُلَ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي آخر ۾ مزارن تي حاضري جا ڪجھ مدني گُل پيش ڪريان ٿو. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مزار شريف تي حاضر ٿيڻ جو طريقو بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: ❁ جيڪڏهن ممڪن ٿئي تہ پيرن جي طرف کان اچي ❁ صاحبِ مزار جي چهري مبارڪ جي طرف منهن ۽ ڪعبي جي طرف پُٺي ڪري بيهي ❁ مزار شريف کان گهٽ ۾ گهٽ 4 هٿ يعني ٻہ گز پري رهي ❁ جيڪڏهن ڪو تمام ويجهو هليو ويو يا گهٽو پري رهيو تڏهن بہ ڪو گناهہ ناهي ❁ تلاوت ۽ ٻيون عبادتون ڪرڻ وارن کي پريشاني نہ ٿئي ان ڪري مناسب آواز ۾ هن طرح سلام عرض ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدِیْ يعني اي منهنجا آقا! اوهان تي سلام هجي ❁ هاڻي هڪ ڀيرو سورتِ فاتحہ، 11 ڀيرا سورۃُ الاخلاص شريف اوّل ۽ آخر ٽي ٽي ڀيرا درودِ پاڪ پڙهي ڪري ايصالِ ثواب ڪيو. ايصالِ ثواب جي لاءِ هيءُ ئي پڙهڻ لازمي ناهي بلڪ ڪجھ بہ پڙهي سگهو ٿا مثال طور هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڪري بہ ايصالِ ثواب ٿي سگهي ٿو بلڪ نمازون، روزا، حج، عمره، نيڪي جي دعوت، رستي تان ڪو پٿر وغيره هٽايو تہ جيئن مسلمانن کي تڪليف نہ ٿئي، سنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت مطلب تہ ڪنهن بہ نيڪ ڪم جو ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو تنهنڪري هن طرح جي نيڪ ڪمن جو ثواب صاحبِ مزار جي بارگاهہ ۾ پيش ڪري ڇڏيو پوءِ واپس موٽندي پوئين پير موٽو تہ جيئن مزار شريف کي پُٺي نہ ٿئي. مزارات پر حاضری کا طریقہ، صفحہ:1، 2 بتغیر قلیل۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو

550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙھو، سنّتن سکڻ جو ھڪ بھترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن پريو سَفر بہ آھي.

آؤ مَدَنی قافِلے میں ہم کریں مل کر سفر
سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بَسَر

جو بھی شیدائی ہے مَدَنی قافِلوں کا یا خدا!
دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار فرمایا خدا!

وسائلِ بخشش، صفحہ:635 ملتقطًا۔

الله پاڪ اسان ڪي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد